ڊاڪٽر رفيق بلوچ

# پروفيسر عبدالله مگسيءَ جي علمي ادبي خدمتن جو تحقيقي جائزو

# A Research Analysis of Educational and Literary Services of Professor Abdullah Magsi


## *Abstract:*

*On December 17, 1947, Professor Abdullah Magsi was born in the home of Dhani Bux in the small village of Gul Muhammad Magsi, Taluka and District of Dadu Sindh. Having completed his primary and secondary education, he went to Sachal Arts and Commerce College in Hyderabad to complete his intermediate education. He did his graduation and a masters in the subject of political science from the University of Sindh and was appointed as a lecturer in political science in 1978.*

*Professor Abdullah Magsi had been associated with many literary and historical societies, including Sindh Historical and Cultural Society, Mian Naseer Muhammad and Mian Yar Muhammad Kalhoro Literary, Cultural and Historical Memorial Committee, and Sindhi Literary Society (Sindhi Adabi Sangat), etc..*

*Ideologically, he was a progressive, communist, and secular-minded person, and his thoughts were revolutionary, based on progressivism and socialism. He was a political analyst and also an expert on socialism. Professor Abdullah Magsi was an erudite person who contributed his valuable services regarding awareness for education and re-awakening. This humanist and patriotic person defied the research that was carried out on the basis of faith or belief. Furthermore, he tried to construct the history of Sindh on the basis of reason and logic. From a scientific perspective, he looked at history, society, literature, and art. His published books are : (1) The Role of Sindhi Literary Figures in Universal Peace. (3) A contemporary examination of Sindh's history (Sindh je taareekh jo jaded mutaalo). In his books, he not only discussed the scientific inventions, fanatic fervor, Fascism, Imperialism, and horrible wars but also wrote from Soomra's reign to the present age about Sindh’s political, social, and retaliation movements in a scientific way. He did research on*


• ڊسٽرڪٽ زڪوات آفيسر، اوقاف، مذهبي امور، زڪوات ۽ عشر ڊپارٽمينٽ ڪراچي.

*historical places like Moen Jo Daro, RanniKot, Sapar Mari, and Khuda Abad. Furthermore, he wrote research articles on historical personalities, e.g., Qalandar Lal Shahbaz, Makhdoom BilawalSamo, etc. This great scholar and historian of Sindh died on April 1, 1993.*

پروفيسر عبدالله خان مگسي ولد ڏٽي بخش مگسي 17 ڊسمبر 1947ع تي ڳوٺ گل محمد مگسي تعلقي دادوءَ ۾ جنم ورتو. هن پرائمري تعليم ڳوٺ گل محمد مگسي جي پرائمري اسڪول ۽ مئٽرڪ گورنمينٽ پرماننڊ پائلٽ هاءِ اسڪول دادو مان ڪئي. ان کانپوءِ هن سچل آرٽس ائنڊ ڪامرس ڪاليج حيدرآباد مان انٽر ڪئي. پاڻ علم سياسيات ۾ سنڌ يونيورسٽي مان گريجوئيشن ۽ ماسٽرز ڪيائون. پروفيسر عبدالله مگسي سرڪاري ملازمت جي شروعات روڊس ڪاتي ۾ ورڪ مستريءَ طور ڪئي ۽ سندس مقرري سن ۽ مانجهند ۾ رهي. بعد ۾ ساڳئي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪلرڪ مقرر ٿيو. سال 1978ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري، علم سياسيات جي مضمون جو ليڪچرر مقرر ٿيو. سندس پهرين مقرري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج نوابشاهه ۾ ٿي. نوابشاهه ۾ 12 سال رهڻ بعد سال 1990ع ۾ سندس گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادوءَ ۾ مقرري ٿي جتي پاڻ آخري وقت تائين علم جي روشني ڦهلائيندا رهيا.

کيس ننڍپڻ کان ئي سماجي ڪمن ۽ علم ۽ ادب سان دلچسپي رهي. سماجي سڌارن ۽ تعليم جي بهتريءَ لاءِ هن پنهنجن هم خيال دوستن سان گڏجي سماجي تنظيم "ڦلواڙي" قائم ڪئي ۽ شاگردن ۾ شعور بيدار ڪرڻ ۽ معاملن کي سائنسي بنيادن تي جانچڻ ۽ پرکڻ لاءِ جدوجهد ڪئي. شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف جو فڪر ۽ پيغام ڦهلائڻ لاءِ هن پنهنجن هم خيال دوستن سان گڏجي دادوءَ ۾ علمي ادبي تنظيم "لطيف سنگت" جو بنياد وڌو. لطيف سنگت نہ صرف شاگردن ۾ لطيف جو پيغام ۽ فڪر عام ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ڪيو بلڪ تعليم لاءِ جاڳرتا مهم، شاگردن جون فيون ۽ بورڊنگ هائوسز جا اخراجات معاف ڪرائڻ ۽ ٻين علمي ۽ سماجي ڪمن ۾ بہ پنهنجو ڀرپور ڪردار نڀايو. پروفيسر عبدالله مگسي سنڌ يونيورسٽي جي سنڊيڪيٽ جو پڻ ميمبر رهيو. سنڌي ادبي سنگ دادو، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) دادو، هسٽاريڪل ائنڊ ڪلچرل سوسائٽي دادو، سنڌ پروفيسرز ائنڊ ليڪچررز ايسوسيئيشن (سپلا) دادو، ميان نصير محمد ڪلهوڙو_ميان يار محمد ڪلهوڙو ادبي، ثقافتي ۽ تاريخي يادگار ڪاميٽي خانپور تعلقو دادو ۽ ڪاڇو بچايو تحريڪ سان لاڳاپيل رهيو. هن عادل سخيراڻي سان گڏ هڪ انٽرنيشنل ادبي سيمينار ۾ پڻ شرڪت ڪئي. هن سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ۽ سنڌي ادبي سنگت پاران منعقد ٿيندڙ پروگرامن ۾

تاريخ، ثقافت ۽ سياست تي ڪيترائي ليڪچر ڏنا. سندس سياست سان خاص دلچسپي رهي. پنجاب جي سرائڪي قومپرستن ۽ سرائڪي صوبي لاءِ هلندڙ قومي جدوجهد کي سنڌ جي قومي سياست سان ڳنڍڻ جي حوالي سان سندس اهم ڪردار رهيو. پروفيسر عبدالله مگسيءَ جو سرائڪي قومي موومينٽ جي سربراهه حميد اصغر شاهين، الاهي بخش ليڪي، مس نسيم، ميراڻي صاحب، قيصراڻي صاحب ۽ ٻين سان پڻ گهرو تعلق رهيو. پنجاب جي سرائڪي قومپرستن کان علاوه سنڌ ۾ ڪاٻي ڌر جي سياسي ڪارڪنن ۽ دانشورن سان پڻ سندس بهترين لاڳاپا رهيا. سائين جي ايم سيد، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ جام ساقي ۽ قاضي فيض محمد سندس پسنديده شخصيتون هيون.

پروفيسر عبدالله مگسي جي ادبي ۽ سياسي ڪردار بابت ترقي پسند ليکڪ ۽ ناميارو دانشور محترم خاڪي جويو لکي ٿو: ”پروفيسر صاحب هڪ وطن پرست مورخ ۽ عالم هو. هو چوندو هو ته اسان ويٽنامين وانگر وطن دوست قومپرست آهيون. جيڪا قومپرستي پنهنجي قوم جي آجپي لاءِ جدوجهد نه ٿي ڪري، اها فرقي پرست قوم پرستي آهي. اسان اهڙي قومپرستيءَ کي رد ٿا ڪريون اهڙي قومپرستي هڪ ئي رياست جي اندر مختلف قومن جي عوام کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ لاءِ ڪتب آندي ويندي آهي ۽ اسان جيئن ته انسان دوست، وطن پرست، ترقي پسند قومپرست آهيون، ان ڪري اسان جي ويڙهه غلام ڪندڙ سامراجي قوتن سان آهي. اسان کي ٻين قومن جي عوام جي خلاف پنهنجن حڪمران طبقن جي هٺ جو رانديڪو ٿيڻ نه گهرجي. هو پڇاڙيءَ تائين پنهنجن اصولن تي قائم رهيو. وطن دوست به رهيو ته بين الاقواميت پسند به رهيو ته ان سان گڏوگڏ سوشلسٽ به رهيو.“ (1)

خاڪي جويو پروفيسر صاحب جي فن، فڪر ۽ مختلف شعبن ۾ سندس غير معمولي صلاحيتن ۽ مهارتن تي تبصرو ڪندو لکي ٿو: ”پروفيسر عبدالله مگسي جو نه رڳو تاريخ ڏانهن پر پوري سماج ڏانهن ويندي ادب، فن ۽ شاعريءَ ڏانهن به سائنسي نقطهءِ نظر هو. شاهه لطيف تي ڳالهائيندو هو ته سمجهبو هو ته شاهه جي شاعريءَ جو بهترين ڄاڻو آهي، جي ادب، فن ۽ شاعري تي ڳالهائيندو هو ته معلوم ٿيندو هو ته ان جو هڪ وڏو نقاد آهي، جي سماجيات تي گفتگو ڪندو هو ته چڻ ان جو ڪيس وڏو مطالعو آهي. جي تاريخ ۽ آثار قديمه تي ڪچهري ڪندو هو

---

[1]. مگسي، عبدالله، پروفيسر،”سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو“ (تحقيق) سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي ٻيو ڇاپو 2010ع ص_ 17

تہ چڻ وڏو تاريخدان ۽ آرڪيالاجسٽ آهي. ان ڪانسواءِ سندس وڏي ۾ وڏي خوبي اها هئي تہ سڀني سياسي، ادبي ۽ سماجي تنظيمن جا ڪارڪن ۽ دوست ڪيس پنهنجو دوست سمجهندا هئا. مطلب تہ ھو هڪ گھڻ طرفي ۽ گھڻ پاسائين تمام وڏي شخصيت هو." (2)

سهيل احمد مگسيءَ مطابق: "پروفيسر صاحب تعليم جي ڦهلاءُ جي ماهر ۽ بهترين سياسي تجزيي نگار هئڻ سان گڏوگڏ نظرياتي طرح ترقي پسند، ڪميونسٽ ۽ سيڪيولر خيالن جو ماڻهو هو. پاڻ جاگيرداري نظام کي سنڌ ۽ سنڌين جي زوال، جهالت ۽ غربت جو ذميوار سمجهندو هو." (3)

سندس سياسي ڪردار بابت سياسي ڪارڪن ائڊووڪيٽ غلام نبي مگسي لکي ٿو: "پروفيسر صاحب جي پسند جا ليڊر گانڌي، نهرو، اندرا گانڌي، جمال ناصر، حواري بومدين، سوئيڪارنو، مائوزي تنگ، چوائن لاءِ، هوچي منهہ، مولانا شوڪت علي، مولانا محمد علي، ابوالڪلام آزاد، امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي، عبدالحميد ڀاشاني، شيخ مجيب، حيدر بخش جتوئي، قاضي فيض محمد، شيروف مري، غوث بخش بزنجو ۽ غفار خان هيا. ڪارلس مارڪس، اينجلس، لينن کي رهبر، ليڊر ۽ پيغمبر جي حيثيت ڏيندو هو. سندس سوچ ترقي پسند، انقلابي ۽ سوشلزم تي ٻڌل هوندي هئي." (4)

غلام نبي مگسي وڌيڪ لکي ٿو: " هن هميشہ تاريخ کي صحيح انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڊاڪٽر مبارڪ لاءِ چوندو هو تہ ڊاڪٽر صاحب وڏو تاريخدان آهي سنو ٿو لکي پر خبر نہ آهي تہ ڇو ڊاڪٽر صاحب تاريخ لکڻ وقت سياسي تحريڪن، جماعتن، گروهن کي نظرانداز ڪندو آهي. پروفيسر صاحب تاريخ لکڻ وقت ان دور جي سياسي جماعتن، گروهن ۽ بغاوتن جي ڇنڊڇاڻ ڪندو هو. ان جو اندازو پروفيسر صاحب جي لکيل مضمونن سومرن جو دور، سمن جو دور، ڪلهوڙن جو دور، برطانوي دور، ڪلهوڙن جو ڪيس، شاهہ عنايت شهيد جي تحريڪ ڪيڙي سو ڪائي، سنڌ جو شهيد اول شهيد الله بخش سومرو، ميان وال تحريڪ، سنڌ جو مجذوب محمد امين کوسو، جيڪي 3 ماهي مهراڻ، ماهوار

---

2. مگسي، عبدالله، پروفيسر،"سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو" (تحقيق) سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي ٻيو ڇاپو 2010ع ص_ 18

3. مگسي، عبدالله، پروفيسر،"سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو" (تحقيق)، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي ٻيو ڇاپو 2010ع صفحو نمبر ڄاڻايل نہ آهي.

4. مگسي،غلام نبي، "سوچون،سڌ،ڀڙاڏا"، پروفيسر عبدالله مگسي يادگار ڪاميٽي دادو، ڇاپو پهريون، سال 2009ع ص_126،125

ساجاهہ آدرش رسالن ۾ ڇپجي چڪا آهن انهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. پروفيسر مگسي تاريخ کي قصن، ڪهاڻين، ڏند ڪٿائن بدران جدت ڏيندي سياسي انداز ۾ لکيو آهي. پروفيسر صاحب جو اڻ ڇپيل مضمون لينن ازم ۽ سنڌي سماج جو تجزيو سندس فلسفي ۽ سياسي بصيرت جو ثبوت آهي." (5)

پروفيسر عبدالله مگسي عورت جي حقن جو پرچارڪ ۽ عورت جي آزاديءَ جو وڏ ۾ وڏ حامي رهيو. پاڻ بهترين سياسي تجزيہ نگار هو ۽ سنڌ جي سياسي ڪردارن بابت پنهنجو الڳ موقف رکندو هو. مختيار احمد ملاح مطابق: "مگسي صاحب هڪ وڏو گهرو مطالعو رکندڙ شخص هو. هن سنڌ جي تاريخ کي جديد ۽ سائنسي دليلن تي پيش ڪري عقيدن واري خيالن کان نجات ڏياري آهي." (6)

هن ميلن ۽ صوفين جي محفلن ۾ پڻ باقائده شرڪت ڪئي ۽ سنڌ جا ڪيترائي قديم ماڳ جيئن موهن جو دڙو، ڪاهوءَ جو دڙو، رني ڪوٽ، سپڙ ماڙي، ڪلهوڙن جا قبا، خدا آباد جي مسجد، ڪاڇو ۽ ٿر گهمي ڏٺا. سنڌ کان علاوه هن بلوچستان جا شهر ۽ قديم ماڳ جيئن ڪوئٽا، لسبيلو، تربت، گوادر، قلات ۽ هنگلاج وغيره ۽ پنجاب جا علائقا ليا، ڊيرا غازي خان، ملتان، لاهور ۽ ٽيڪسلا وغيره گهمي ڏٺا. قديم ماڳن تان سڪا، مورتيون ۽ پٿر جا ٺهيل اوزار گڏ ڪرڻ سندس محبوب مشغلو هيو. شاهہ سائينءَ جو سر ساموندي سندس پسند جو سُر هو. شاهہ جي راڳائي دادو جي پرڳڙي فقيرن جي گروپ کان سر ساموندي ٻڌندو هو. پاڻ عملي جدوجهد ڪندڙ شخص هو. هن هسٽاريڪل سوسائٽي دادو، هسٽاريڪل سوسائٽي نوابشاهہ، سنڌي ادبي سنگت ۽ سگا سميت هر ادبي، سماجي ۽ ثقافتي تنظيم ۾ ميمبر جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو ۽ تنظيم جي پليٽفارم تان غريب ڪارڪنن کي محنت ۽ عملي جدوجهد لاءِ همٿائيندو رهيو. پروفيسر عبدالله مگسي جو پهريون مضمون "فڪرات پاپ" نالي سان دادو مان شايع ٿيندڙ هفتيوار اخبار "قلندر" ۾ 1960ع ڌاري شايع ٿيو ان وقت سندس عمر تيرنهن سال هئي. سندس پهرين ڪهاڻي "ٿاندو ناچ" 1974ع ۾ ڇپي جيڪا دادوءَ کان 50 ڪلوميٽر کن ڏکڻ اولهہ طرف واقع پير گاجي شاهہ جي درگاهہ پرسان ذهني مرض ۾ ورتل عورتن جي باهہ جي ڪوئلي تي ٿيندڙ ناچ متعلق آهي. هن ڪهاڻيءَ پڙهندڙن ۾ ڪافي مقبول

---

5. مگسي،غلام نبي، "سوچون،سڌ، پڙاڏا"، پروفيسر عبدالله مگسي يادگار ڪاميٽي دادو، ڇاپو پهريون، سال 2009ع ص_128
6. ملاح، مختيار احمد، "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو"، ڇاپو پهريون، ڪانياواڙ اسٽورز، اردو بازار ڪراچي، 2006ع ص - 656

ٿي. سندس سنڌ جي تاريخ تي سوين تحقيقي مضمون ۽ مقالا مختلف اخبارن ۽ رسالن جيئن روزاني جاڳو ڪراچي، روزاني عوامي آواز ڪراچي ۽ سماهي مهراڻ ڄامشورو وغيره ۾ شايع ٿيا. سنڌ جي تاريخ جديد ۽ سائنسي انداز ۾ ۽ دليلن جي بنياد تي سهيڙي شايع ڪرايائين. پاڻ گهرو مطالعو رکندڙ اديب هو. سندس ڪتابن ۾ (1) سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو (2) جان جان هئي جيئري ۽ (3) عالمي امن ۾ سنڌي اديبن جو حصو بهترين شمار ڪيا وڃن ٿا. پروفيسر عبدالله مگسي جي شايع ٿيل ڪتابن جو مختصر جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

**عالمي امن ۾ سنڌي اديبن جو حصو:** پروفيسر صاحب جو هي ڪتاب نئين گاج پبليڪيشن دادو پاران ڊسمبر 1988ع ۾ ڇپيو. ڪتاب جي ارپنا عالمي امن تحريڪ جي نالي ڪئي وئي آهي. مهاڳ ترقي پسند دانشور رئوف نظاماڻيءَ لکيو آهي. ڪتاب بابت راءِ ڏيندي رئوف نظاماڻي لکي ٿو: "ڪتاب ۾ جن قدرن کي بحث هيٺ آندو ويو آهي، انهن ۾ سائنسي ايجادون، مذهبي ڪٽرپڻي جي مخالفت، فاشزم، سامراج ۽ جنگ آهن. انهن سڀني قدرن تي سير حاصل بحث ٿيل آهي ۽ انسان ذات تي سندن پوندڙ اثرن کي چٽو ڪيو ويو آهي." (7)

رئوف نظاماڻي وڌيڪ لکي ٿو: "سنڌي ادب ۾ انهي ڪتاب جي اهميت پنهنجي جاءِ تي آهي، ڇاڪاڻ ته انهي موضوع تي اسان وٽ مواد نه هئڻ برابر آهي. مختلف قدرن جي حوالي سان سنڌي ادب کي سهيڙي پيش ڪرڻ ۽ انهي جي ترقي پسند جوهر جي نشاندهي ڪرڻ ليکڪ جي هڪ ساراهڻ جوڳي ڪوشش آهي. پڙهندڙ جي ذهن ۾ انهي سان جيڪا ڳالهه چٽي ٿي سامهون اچي ٿي، اها هي ته امن رڳو هٿيارن تي پابنديءَ جو نالو نه آهي پر انسان جي فطرت ۽ سندس اندر ۾ انهن قدرن جي پرورش ڪرڻ جو نالو آهي، جيڪي ڪيس انسان سان محبت ۽ هٿيارن سان نفرت ڪرڻ سيکارين." (8)

مختيار احمد ملاح مطابق: "عالمي امن ۾ سنڌي اديبن جو حصو دراصل هڪ تقرير آهي جنهن ۾ دنيا ۾ ٿيندڙ ظلم، بيوسي ۽ سنڌي اديبن جي لکڻين ۾ انهن لاءِ حقارت ۽ امن لاءِ، محبت لاءِ، پائيچاري لاءِ ڪوشش جو ذڪر ٿيل آهي." (9)

---

7. مگسي،عبدالله، پروفيسر، "عالمي امن ۾ سنڌي اديبن جو حصو"، ڇاپو پهريون، نئين گاج پبليڪيشن دادو، ڊسمبر 1988ع ص_ xvii

8. مگسي،عبدالله ، پروفيسر، "عالمي امن ۾ سنڌي اديبن جو حصو"، ڇاپو پهريون، نئين گاج پبليڪيشن دادو، ڊسمبر 1988ع ص_ xviii, xix

9. ملاح، مختيار احمد، "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو"، ڇاپو پهريون، ڪانياواڙ اسٽورز، اردو بازار ڪراچي، 2006ع ص - 656

**<u>سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو:</u>** هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي پاران 1994ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ساڳئي اداري پاران 2010ع ۾ آيو. ليکڪ ڪتاب جي ارپنا پنهنجي والده ڪي ڪئي آهي. هي سومرا دور حڪومت کان موجوده دور تائين سنڌ جي هڪ مستند تاريخ آهي جنهن ۾ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي حالتن ۽ مزاحمتي تحريڪن بابت سائنسي انداز ۾ لکيو ويو آهي. ڪتاب ٽن ڀاڱن تي مشتمل آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ سومرا ۽ سما دور حڪومت ۽ ارغونن جي سنڌ تي چڙهائي، ميانوال تحريڪ ۽ ڪلهوڙا، ٽالپر ۽ انگريز دور حڪومت جي سياسي ۽ سماجي تاريخ ۽ ان وقت جي سياسي ۽ اقتصادي حالتن جو تجزيو شامل ڪيو ويو آهي. هن ڀاڱي ۾ شامل مضمونن ۾ (1) سومرا حڪمران (2) سومرن جي دور جو سياسي، سماجي ۽ اقتصادي تجزيو (3) سمن جي دور جو سياسي، سماجي ۽ اقتصادي جائزو (4) سمن جي دور جو تاريخي، ادبي جائزو (5) سنڌ اندر مغل دور ۾ آزادي جي تحريڪ جا مختلف رخ ۽ دائرا (6) سنڌ ۾ ميان وال تحريڪ (7) ميان وال تحريڪ جو سرواڻ ميان نصير محمد ۽ ان جا ساٿي (8) ميان يار محمد ڪلهوڙو_سنڌ جي آزادي جو علمبردار (9) ميان نور محمد جي جنگي حڪمت عملي ۽ نادر شاهه جو حملو (10) ڪلهوڙن جي دور جو تاريخي ۽ ادبي جائزو (11) ٽالپرن جي حڪومت جو زوال ۽ انگريزن جون سازشون ۽ (12) برطانوي دور ۾ سنڌ جو سياسي، سماجي ۽ اقتصادي تجزيو شامل آهن. ٻئي ڀاڱي ۾ تهذيبن ۽ سنڌ جي تاريخي ماڳن رني ڪوٽ، سيڙ ماڙي ۽ خدا آباد تي تحقيقي مضمون (1) تهذيب جي ارتقا (2) ٿي قديم تهذيبون (3) آثار قديمه ۾ ثقافتي لاڳاپن جو سوال (4) سر جان مارشل ۽ موهن جو دڙو (5) رني ڪوٽ_ تحقيق جي روشني ۾ (6) سيڙ ماڙي_ هڪ تحقيقي جائزو ۽ (7) خدا آباد_هڪ تاريخي شهر مقالا شامل آهن. ڀاڱو ٽيون سنڌ جي تجارت ۽ سنڌ جي تاريخي سياسي شخصيتن مخدوم بلاول ۽ قلندر لعل شهباز جي حوالي سان آهي جنهن ۾ (1) مانجهند جا سنڌ ورڪي (2) مخدوم بلاول جو ڪيس (3) قلندر شهباز جا فڪري لاڙا ۽ سنڌ ۽ (4) قلندر جي زندگي ۽ تاريخ جا ماخذ مقالا شامل آهن.

**<u>جان جان هئي جيئري:</u>** هي ڪتاب پروفيسر عبدالله مگسي يادگار ڪاميٽي دادوءَ پاران سندس وفات ڪانپوءِ 1995ع ۾ شايع ٿيو جيڪو 8 حصن ۾ ورهايل آهي. پهرئين حصي ۾ اخباري نمائندن کي ڏنل سندس سياسي ۽ تاريخي انٽرويوز شامل آهن. ڀاڱو ٻيو تاريخ تي آهي. ڀاڱي ٽئين ۾ پاڪستان ۽ سنڌ جي سياسيات ۽ سماجيات، سيپٽمبر جي جنگ، پاڪستان جي ساموندي طاقت، سرمائيداري نظام،

1977ع جو بحران، ايم آر ڊي تحريڪ، سنڌ ۾ نوڪرشاهي جو ڪردار ۽ عورت جي سماجي حيثيت جهڙا مضمون شامل آهن. چوٿين ڀاڱي ۾ عالمي سماجي، معاشي ۽ سياسي حالتون ۽ سنڌي اديبن جون ذميداريون، سچل سرمست جو فڪر، استاد بخاري، عبدالحڪيم ارشد، خاڪي جوئي جي شخصي زندگي، نظريات ۽ شاعري جو اڀياس ۽ سندس (پروفيسر عبدالله مگسي جون) طبعزاد ڪهاڻيون (1) ٽانڊو ناچ (3) نسل پرست (4) طاقت جا غلام (5) سچل ۽ (6) قلندر جي واپسي وغيره شامل آهن. پنجين ڀاڱي ۾ خلافت تحريڪ جي ڪارڪن محمد سهراب مگسي، ڪانگريسي اڳواڻ محمد امين کوسو، سوشلسٽ ۽ انقلابي سياسي ڪارڪن ابوبڪر مگسي، قادر بخش مگسي، الهجڙيو انصاري، حڪيم شفيع محمد چنا، شاهه لطيف جي پارکو ۽ لطيف سرڪار جي شاعري جي مترجم جرمن اسڪالر محترمه اين مري شمل ۽ ٻين سياسي ۽ ادبي شخصيتن کي نئين ۽ جديد انداز ۾ متعارف ڪرايو ويو آهي. ڀاڱي ڇهين ۾ گهڻو تڻو ترجمو ٿيل مضمون شامل ڪيا ويا آهن جن ۾ ٻولي ۽ ثقافت جو ڳانڍاپو، چنگيز اعتماتوف، قومي آزادي ۽ ثقافت، ايملڪار ڪيرال، فطرت کي جيئڻ مون ڏنو، قاضي فيض محمد، ليننني ادب جو تعارف ۽ عمل جو نظريو شامل آهن. ڀاڱي ستين ۽ اٺين ۾ ڊائري ۽ متفرقه سٽون آهن. سندس ڊائري ۽ مضمونن ۾ سنڌ جي تحريڪن جو تجزيو، ترقي پسندي، انقلاب، سامراج ۽ جاگيرداري نظام ڪان نفرت ۽ سنڌ سان ٿيل ويساهه گهاتين جو ذڪر آهي.

پروفيسر عبدالله مگسي ڪجهه ڪتاب جيئن "سنڌو جي ڪناري تهذيب جي ارتقا" ۽ مقالا (1) ڪوٽڙي ڪبير جا آثار قديمه ۽ (2) ميان جا قبا وغيره اڻ ڇپيل حالت ۾ ڇڏيا. هن ڪجهه تنقيدي مضمون ۽ ڊائري جا ورق لکيا ۽ ڪجهه اهم انٽرويوز پڻ ڪيا. سندس سنڌ جي سياست متعلق لکيل مضمونن تي مشتمل چوٿون ڪتاب هن وقت ڇپائيءَ جي مرحلن ۾ آهي. هن استاد بخاريءَ سميت ڪيترن ئي علمي ادبي شخصيتن تي مقالا پڻ لکيا جن ۾ (1) استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ جماليات وغيره شامل آهن.

پروفيسر عبدالله مگسي شادي نه ڪئي. سنڌ جي هن عظيم ۽ يگاني ڪاهوڙي اديب ڪينسر جي موذي مرض سبب 46 سالن جي ڄمار ۾ ڦهرين اپريل 1993ع تي وفات ڪئي.

## نتيجو:

پروفيسر عبدالله مگسي اعليٰ آدرشن وارو انسان ۽ سائنسي سوچ رکندڙ محقق ۽ دانشور هيو سندس علمي ۽ کوجنائي ڪم تاريخي اهميت رکي ٿو. هن عقيدي جي بجاءِ عقلي ۽ سائنسي بنياد تي تحقيقي ڪم ڪيو. هن سنڌ جي سياسي ۽ سماجي حالتن ۽ مزاحمتي تحريڪن خاص طور تي ميان وال تحريڪ بابت سائنسي انداز ۾ لکيو سومرن جي دور حڪومت کان سمن جي دور، ارغونن کان مغل دور حڪومت ۽ ڪلهوڙا ۽ ٽالپر دور تائين هن سنڌ جي سياسي، اقتصادي ۽ معاشي صورتحال، واپار، سنڌ جي تاريخ، سنڌي سماج، معاشرت ۽ ان وقت جي مزاحمتي تحريڪن جو جديد ۽ سائنسي بنيادن تي تجزيو ڪيو. ان کان علاوه هن ڪيترن ئي بين الاقوامي ۽ ملڪي سياسي ۽ انقلابي شخصيتن بابت کوجنا ڪري انهن جي انقلابي ڪردار جا لکل پاسا سامهان آندا. سندس سائنسي بنيادن تي ڪيل تحقيق کي پذيرائي ملي.

## مددي ڪتاب:


1. ڳورڙ، الهرکيو، ”جيون سفر سڪ جو“، ڇاپو پهريون، سرجڻهار پبليڪيشن دادو، 2011ع
2. مگسي، عبدالله، پروفيسر،”سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو“ (تحقيق) سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي ٻيو ڇاپو 2010ع
3. مگسي،غلام نبي، ”سوچون،سڏ،پڙاڏا“، پروفيسر عبدالله مگسي يادگار ڪاميٽي دادو، ڇاپو پهريون، سال 2009ع
4. ملاح، مختيار احمد، ”سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو“، ڇاپو پهريون، ڪانياواڙ اسٽورز، اردو بازار ڪراچي، 2006ع
5. مگسي،عبدالله، پروفيسر، ”عالمي امن ۾ سنڌي اديبن جو حصو“، ڇاپو پهريون، نئين گاج پبليڪيشن دادو، ڊسمبر 1988ع


## حوالا:


1. مگسي، عبدالله، پروفيسر،”سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو“ (تحقيق) سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي ٻيو ڇاپو 2010ع ص_ 17
2. مگسي، عبدالله، پروفيسر،”سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو“ (تحقيق) سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي ٻيو ڇاپو 2010ع ص_ 18
3. مگسي، عبدالله، پروفيسر،”سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو“ (تحقيق)، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي ٻيو ڇاپو 2010ع صفحو نمبر ڄاڻايل نه آهي.

4. مگسي،غلام نبي، ”سوچون،سڏ،پڙاڏا“، پروفيسر عبدالله مگسي يادگار ڪاميٽي دادو، ڇاپو پھريون، سال 2009ع ص_126،125
5. مگسي،غلام نبي، ”سوچون،سڏ، پڙاڏا“، پروفيسر عبدالله مگسي يادگار ڪاميٽي دادو، ڇاپو پھريون، سال 2009ع ص_128
6. ملاح، مختيار احمد، ”سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو“، ڇاپو پھريون، ڪائياواڙ اسٽورز، اردو بازار ڪراچي، 2006ع ص - 656
7. مگسي،عبدالله، پروفيسر، ”عالمي امن ۾ سنڌي اديبن جو حصو“، ڇاپو پھريون، نئين گاج پبليڪيشن دادو، ڊسمبر 1988ع ص_ xvii
8. مگسي،عبدالله ، پروفيسر، ”عالمي امن ۾ سنڌي اديبن جو حصو“، ڇاپو پھريون، نئين گاج پبليڪيشن دادو، ڊسمبر 1988ع ص_xviii, xix
9. ملاح، مختيار احمد، ”سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو“، ڇاپو پھريون، ڪائياواڙ اسٽورز، اردو بازار ڪراچي، 2006ع ص — 656